امير اهل سنت دامت برکاتهم العاليه جي ڪتاب "فيضان سنت" جي هڪ قسط مع ترميم و اضافو "بنام"

سنڌي

# مانيءَ جو احترام




شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ **اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: مانيءَ جو احترام

ڇاپو پهريون: ربيع الثاني1444هه، نومبر 2022 ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ

دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي ڪتـاب ”فيضـان سنت“ مـان ورتل رسـالو

# مانيءَ جو احترام

**ترجمو**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


مانيءَ جو احترام ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
مختلف ڪارڪن جو تالھ ........ 2
پنج آڱرين سان ڪائڻ جاھلن جو طريقو آھي ........ 2
شيطان جي ڪائڻ جو طريقو ........ 3
ٽن آڱرين سان ڪائڻ جو طريقو ........ 3
چمچي سان ڪائڻ جي حڪايت ........ 4
چمچي سان ڪڏھن ڪائي سگھجي ٿو ........ 5
ھٿ سان ڪائڻ جا طبي فائدا ........ 5
Appendix جو علاج ٿي ويو ........ 5
بغير بيھوشيءَ جي آپريشن ........ 7
شھزادي جي شھادت ........ 9
حضرت عروه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي سخاوت ........ 9
ٽيڪ لڳائي ڪري ڪائڻ سنّت ناھي ........ 10
ٽيڪ لڳائي نہ ڪائو ........ 10
ٽيڪ لڳائي ڪري ڪائڻ جا طبي نقصان ........ 10
مانيءَ جو احترام ڪريو ........ 11
ڪاڌي جي اسراف کان توبھ ڪريو ........ 11
سنھڙي ماٺوءَ جي فضيلت ........ 14
ھڪ غير مسلم جو اسلام قبول ڪرڻ ........ 15
ماٺن کان شرمائي سنت ناھي ڇڏبي! ........ 16
خوب انفرادي ڪوشش ڪريو ........ 17
ڪافر جو اسلام قبول ڪرڻ ........ 18
اولاد کي ڪم عقلي کان بچائڻ جو نسخو ........ 19
تنگدَستيءَ جو علاج ........ 19
شرمائي ڪري سنتون نہ ڇڏيو ........ 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مانيءَ جو احترام

**دعاءِ عطار:** ياربَّ المصطفي: جيڪو بہ مڪمل رسالو "**مانيءَ جو احترام**" پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي برڪت واري حلال ۽ آسان روزي عطا فرماءِ ۽ ان کان هميشہ هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي تمام ويجهو اهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ درود پاڪ پڙهيا هوندا.

(ترمذی، 27/2، حديث: 484)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪڏهن مختلف قسمن جا ڪاڌا مثلاً زردو، پلاءُ ۽ ڪٺاڻ وغيره هڪ ئي ٿالهہ ۾ هجن تہ ان صورت ۾ ٻئي پاسي کان کڻڻ جي بہ اجازت آهي جيئن تہ

## مختلف ڪارڪن جو ٿالهه

**حضرت عِڪراش** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ روايت ڪن ٿا تہ **الله پاڪ** جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جي باغ جي مهڪندڙ گل صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ هڪ ٿانءُ پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ تمام گهڻو **ثريد** (يعني ڪُٽي) هئي. اسان ان مان کائڻ لڳاسين پوءِ مان پنهنجو هٿ ان جي ڪنارن ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلائڻ لڳس، تہ سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو، ”اي عِڪراش! هڪ ئي جڳهہ کان کائو ڇو تہ هي هڪ ئي (قِسم جو) کاڌو آهي“. پوءِ اسان وٽ هڪ ٿالهہ آندو ويو جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جون تازيون ڪارڪون هيون، حضور سراپا نُور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هٿ مبارڪ ٿانوَ ۾ هر طرف جلوه فرما ٿي رهيو هو ۽ ارشاد فرمايائون،”اي عِڪراش! جتان وڻيوَ کائو ڇو تہ هي (ڪارڪون) مختلف قسمن جون آهن.

(ابن ماجه شريف ج 4 ص 15 حديث 3274)

## پنج آڱرين سان کائڻ جاهلن جو طريقو آهي

**حضرت عبدالله ابن عباس** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي تہ نبيّ آخرالزمان، سَرورِ ذيشان، ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آڱوٺي ۽ شهادت واري آڱر ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو: ”هنن ٻن آڱرين سان نہ کائو.“ (بلڪ انهن سان وچين آڱر ملائي ڪري) ٽن آڱرين سان کائو جو اها سنّت آهي ۽ پنجن سان نہ کائو جو هي جاهلن جو طريقو آهي.

(ڪنزالعمال ج 5 ص 115 حديث 40872)

# شيطان جي کائڻ جو طريقو

**حضرت ابوهريره** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسول محتشم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي تہ ”هڪ آڱر سان کائڻ شيطان جو ۽ ٻن آڱرين سان کائڻ متڪبرين (يعني مغرور ماڻهن) ۽ ٽن آڱرين سان کائڻ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو طريقو آهي.“ (جامع صغير ص 184 حديث 3074) **سرڪارِ** مدينه، راحتِ قلب وسينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن چار مبارڪ آڱرين سان بہ کاڌو کائيندا هئا.

(ملخصًا الجامع الصغير ص 250 حديث 6942)

# ٽن آڱرين سان کائڻ جو طريقو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ٽن آڱرين سان کائڻ سبب گرهہ ننڍو ٻڌبو، ننڍو گرهہ چٻاڙڻ آسان رهندو، جيترو بهتر طريقي سان چٻاڙيندؤ اوترو ئي وات مان نڪرندڙ هاضميدار لُعاب ان ۾ شامل ٿيندو ۽ اهڙي طرح کاڌو جلدي هضم ٿيندو. حضرت علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا، ”پنجن آڱرين سان کائڻ حريصن جي نشاني آهي“. (مرقاة ج 8 ص 9) ماني ٽن آڱرين سان کائڻ گهٽو مشڪل بہ ناهي فقط ٿوري توجهہ جي ضرورت آهي، باقي چانور ٽن آڱرين سان کائڻ ٿورو ڏکيو هوندو آهي، پر مدني ذهن رکڻ وارن سنّت جي عاشقن جي لاءِ اها بہ ڪا مشڪل ڳالهہ ناهي يقينًا سنّت ۾ ئي عظمت آهي، وڏن گرهن جي حرص ۾ پنجن آڱرين سان کائڻ بدران تربيت جي خاطر ساڄي هٿ جي ڇنصَر (يعني ڇيچ جي پرسان واري آڱر) کي نِوڙائي ان مٿان ننڍو ربڙ چاڙهي ڇڏيو يا مانيءَ جو هڪ ٽڪرو ڇيچ ۾

پرسان واري آڱر سان ٽِري جي طرف دٻائي رکو، جيڪڏهن جذبو سچو هوندو ته اِنْشَآءَاللّٰه ٽن آڱرين سان کائڻ جي عادت ٻڌجي ويندي، جڏهن ٽن آڱرين سان کائڻ جي عادت ٻڌجي وڃي ته هاڻي رٻڙ ۽ ماني جو ٽڪرو ٽِري جي طرف دٻائڻ جي ضرورت ناهي جيڪڏهن چانورن جا داڻا جدا جدا هجن ۽ ٽن آڱرين ۾ ان جو گرهه نه ٻڌجي سگهي ته هاڻي چار يا پنج آڱرين سان کائو پر هي احتياط ضروري آهي ته ٽِريون نه ڀرجن بلڪ آڱريون به پاڙ تائين نه ڀرجن.

## چمچي سان کائڻ جي حڪايت

**ڇُري ڪانٽن** ۽ چمچن سان کائڻ سنّت جي خلاف آهي، اسان جا اسلاف (يعني بزرگ) چمچي سان کائڻ کان پرهيز ڪندا هئا، ڇو ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٽن آڱرين سان کائڻ ثابت آهي. حضرت امام ابراهيم باجُورِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته”هڪ ڀيري عباسي خليفي مامون الرشيد جي سامهون چمچن سان کاڌو پيش ڪيو ويو. ان وقت جي **قاضي الْقُضاة** (يعني چيف جسٽس) حضرت امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه چيو،” **الله پاڪ** 15 هين سيپاري جي سُوْرَةُ بَنِیْٓ اِسْرَآءِیْل جي آيت نمبر 70 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ لَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِیْۤ اٰدَمَ | ترجمو ڪنزالايمان: ۽ بيشڪ اسان آدم جي اولاد کي عزت ڏني. |

اي خليفا! هن آيتِ ڪريمه جي تفسير ۾ توهان جا ڏاڏا سائين حضرت **عبدالله** ابن عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا ”اسان انهن جي لاءِ آڱريون

ٻڌايون جن سان اهي ڪاڌو کائن ٿا“ اهو ٻُڌي هُو انهن چمچن کي ڇڏي آڱرين سان کائڻ لڳو.

(المواهب اللدنيه للباجوري ص 114)

## چمچي سان کڍهن کائي سگهجي ٿو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن غذا ئي اهڙي آهي مثلاً ”کيرڻي“ (يا پنڙي) ڍهي وغيره جيڪا آڱرين سان کائي نه ٿي سگهجي ۽ پي به نه ٿي سگهجي يا هٿ ۾ زخم آهي يا هٿ ميرا آهن ۽ ڌوئڻ لاءِ پاڻي ميسر ناهي ته پوءِ ضرورت موجب چمچي جي اجازت آهي، اهڙي طرح گوشت جو پڪل وڏو ٽڪرو يا ران وغيره کي ڇُريءَ سان ڪٽي ڪري کائڻ جي اجازت آهي.

## هٿ سان کائڻ جا طبي فائدا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڊاڪٽرن اعتراف ڪيو آهي ته جيڪي ماڻهو هٿ سان کائيندا آهن، انهن جي آڱرين مان هڪ خاص قسم جي ”هاضميدار رطوبت“ نڪري ڪري کاڌي ۾ شامل ٿي ويندي آهي جيڪا جسم ۾ انسولين (Insulin) گهٽ ٿيڻ ناهي ڏيندي ۽ ان سان شگر جي مريضن کي فائدو ٿيندو آهي، ويتر کائڻ کان بعد آڱريون چٽڻ سان وڌيڪ هاضميدار رطوبت پيٽ ۾ داخل ٿيندي آهي جيڪا اکين، دماغ ۽ معدي جي لاءِ بيحد فائديمند آهي ۽ هي دل، معدي ۽ دماغ جي بيمارين جو زبردست علاج آهي.

## Appendix جو علاج ٿي ويو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! کاڌي جون سنّتون پنهنجي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو،

معاشري جا ڪيترائي بگڙيل ماڻهو دعوت اسلاميءَ جي مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه سڌي رستي تي اچي چُڪا آهن، هن سلسلي ۾ مَترا (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هيئن بيان آهي تہ ”مان هڪ ماڊرن نوجوان هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ منهنجو مشغلو هو، مڪتبةالمدينه کان جاري ٿيل بيان جي ڪيسيٽ ”T.V کی تباہ کاریاں“ ٻُڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن مون ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، مان دعوت اسلاميءَ جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس، مونکي Appendix (آندن ۾ سوڄ) جي بيماري ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو مشورو ڏنو مان گهبرائجي ويس ايتري ۾ دعوت اسلاميءَ جي هڪ مبلّغ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلاميءَ جي سنّتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، اَلْحَمْدُلِلّٰه مدني قافلي جي برڪت سان بغير آپريشن منهنجي بيماري ختم ٿي وئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه منهنجي جذبي کي مديني جا ٻارهن چنڊ لڳي ويا. هاڻي مان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندو آهيان ۽ هر مهيني نيڪ اعمال جو ڪارڊ جمع ڪرائيندو آهيان ۽ مسلمانن کي فجر جي نماز خاطر جاڳائڻ لاءِ **صداءِ مدينه** لڳائيندو آهيان.

بے عمل با عمل بنتے ہیں سر بسر   تُو بھی اے بھائی کر قافلے میں سفر
اچّھی صُحبت سے ٹھنڈا ہو تیرا جگر   کاش! کرلے اگر قافلے میں سفر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بغير بيهوشيءَ جي آپريشن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مدني قافلن ۾ سفر جون ڪيتريون برڪتون آهن، هي ياد رکو! ته بيماري ۽ مصيبت مسلمان جي لاءِ عام طور تي رحمت جو ڪارڻ هوندي آهي، هينئر توهان ٻُڌو ته اسلامي ڀاءُ کي اپينڊڪس جي تڪليف ٿي. پوءِ شفا جو سبب مدني قافلي جو سفر بڻيو، اهڙيءَ ريت هو ديني ماحول ۾ رَلي ملي ويو ۽ سندس ديني ماحول ۾ پڪو ٿي وڃڻ يقينًا رحمت جي حقدار هجڻ جو ڪارڻ آهي، تڪليف اچي ته صبر جي ڪوشش ڪري خوب اجر ۽ ثواب ڪمائڻ گهرجي، اسان جي بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم

جي صبر ڪرڻ جو انداز ۽ ان تي ثواب ۽ اجر ڪمائڻ جو جذبو به ڇا خوب هو! جيئن ته شارحِ بخاري فقيه الهند حضرت علامه مولانا **مفتي محمد شريف الحق امجدي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "نزهة القاري شرح صحيح البخاري" جلد 2 ص 213 کان 215 تي نقل ڪن ٿا ته "حضرت عُروه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جا والد صاحب مشهور صحابي **رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت زبير بن عوام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا هئا ۽ والده صاحبه حضرت اسماء بنت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا هئي. ڀاڻ اُمُّ الْمؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جا ڀاڻيجا ۽ حضرت **عبدالله** ابن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جا سڳا ڀاءُ ۽ مدينهءِ منوره جي مشهور " **فقهاءِ سبعه** " (يعني ست جيّد عالم سڳورن) مان هڪ هئا، عابد ۽ زاهد ۽ راتين جو جاڳي عبادت ڪرڻ وارا بزرگ هئا، روزانو بنا وقفي جي **چوٿون حصو قرآن پاڪ** مان ڏِسي ڪري تلاوت فرمائيندا هئا ۽ چوٿون حصو قرآن شريف رات تهجُّد ۾ پڙهندا هئا. خليفو وليد بن عبدالملڪ چوندو هو ته جنهن کي جنّتي ڏسڻو هجي ته اهو حضرت عُروه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ڏسي. هڪ ڀيري سفر ڪري وليد بن عبدالملڪ وٽ تشريف کڻي ويا، سندن پير

مبارڪ ۾ آڪلہ جي بيماري ٿي وئي، هي اها بيماري هوندي آهي، جيڪا عضون کي ڦٽ وانگر ڳاري ڇڏيندي آهي، ان لاءِ وليد مشورو ڏنو تہ عملِ جَراحت (آپريشن) ڪرائي ڇڏيو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ راضي نہ ٿيا پر بيماري پنيءَ تائين وڌي آئي. وليد عرض ڪيو، سائين! هاڻي تہ ٽنگ ڪٽائڻ ضروري آهي نہ تہ هيءَ بيماري سڄي جسم ۾ پکڙجي ويندي. تنهن ڪري پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ راضي ٿي ويا، پوءِ طبيب آيو ۽ ان چيو تہ شراب پي ڇڏيو تہ جيئن ڪٽجڻ ۾ تڪليف جو احساس نہ ٿئي، فرمايائون، **الله پاڪ** جي حرام ڪيل شيءَ جي ذريعي مون کي عافيّت نہ ٿي گهرجي، عرض ڪيائين اجازت هجي تہ ڪا آرام واري دوا ڏيان. فرمايائون مان نہ ٿو چاهيان تہ ڪو عضوو ڪٽيو وڃي ۽ مون کي تڪليف جو احساس نہ ٿئي ۽ تڪليف ۽ صبر جي ذريعي ملڻ واري اجر کان مان محروم ٿي وڃان، عرض ڪيو ويو پلا، ڪجھہ ماڻهن کي اجازت ڏيو تہ توهان کي سوگهو ڪري جهلين، فرمايائون،ان جي بہ ضرورت ناهي، آخرڪار پهريان ٽنگ جو گوشت ڇُريءَ سان ۽ پوءِ هڏو آريءَ سان ڪٽيو ويو، پر سندن صبر ۽ تحمل مرحبا! زبان مان آهہ! جو آواز بہ نہ ڪيائون مسلسل ذڪرالله ۾ مصروف رهيا، ايتري تائين جو جڏهن لوهہ جي چمچن جي ذريعي زيتون شريف جي ٺهڪندڙ تيل سان زخم کي ڏنپيو ويو تہ سور جي شدت سبب بيهوش ٿي ويا جڏهن هوش ۾ آيا تہ چهري مبارڪ تان پگهر اگهڻ لڳا ۽ ڪٽيل پير مبارڪ هٿ ۾ کڻي ڪري اٿلائيندي پٿلائيندي فرمايائون، ان ذات جو قسم! جنهن مون کي تو تي سوار فرمايو، مان تنهنجي ذريعي ڪڏهن بہ ڪنهن گناهہ جي طرف نہ ويو آهيان. آپريشن جي سڄي ڪاروائي اهڙي طرح ٿي جو وليد ڳالهين ۾ مصروف هو ان کي خبر بہ نہ پئي جڏهن ڏنيڻ جي بوءِ ڦِهلجي تڏهن کيس معلوم ٿيو.

## شهزادي جي شهادت

هن سفر ۾ حضرت عُروه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو ٻيو امتحان هي ٿيو تہ سندن شهزاده حضرت محمد بن عُروه رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا وليد جي واڙي ۾ تشريف کڻي ويا تہ کنهن چوپايي ماري کري شهيد کري ڇڏيو. جڏهن مدينهءِ منوره واپسي ٿي تہ پندرهين سيپاري جي سُوْرَةُ الْكَهْفِ جي آيت نمبر 62 جو هي حصو تلاوت ڪيائون.

لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ﴿۶۲﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ اسان کي پنهنجي هن سفر ۾ وڏي تکليف ڏسڻي پئي.

## حضرت عروه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي سخاوت

حضرت عُروه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي جود و سخاوت جو هي عالم هيو جو جڏهن باغ ۾ ميوا پَچي ڪري تيار ٿي ويندا هئا تہ احاطي جي پيت ۾ سوراخ ڪري ڇڏيندا هئا، ماڻهو اچي ڪري کائيندا هئا ۽ ٻَڌي گهر بہ کڻي ويندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جڏهن پنهنجي باغ ۾ تشريف کڻي ويندا هئا تہ ڪين 15 هين سيپاري جي سُوْرَةُ الْكَهْفِ جي آيت نمبر 39 جو هي حصو زبان تي هوندو هو:

وَلَوْلَآ اِذْ دَخَلْتَ جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڇو نہ ٿيو تہ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ وئين تہ چيو هجئي ها تہ جيڪي الله چاهي اسان کي ڪا بہ طاقت ناهي پر الله جي مدد سان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٽيڪ لڳائي ڪري کائڻ سنّت ناهي

**سرڪارِ عالي وقار،** ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهه ابرار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشگوار آهي، ”مان ٽيڪ لڳائي ڪري ناهيان کائيندو.

(ڪنزالعمال ج 15 ص 102 حديث 40704)

## ٽيڪ لڳائي نہ کائو

**حضرت** ابودرداء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ”توهان ٽيڪ لڳائي ڪري کاڌو نہ کائو.“

(مجمع الزوائد ج 5 ص 22 حديث 7918)

## ٽيڪ لڳائي ڪري کائڻ جون چار صورتون

**کائڻ** وقت ٽيڪ لڳائڻ جون چار صورتون آهن. ﴿1﴾ هڪ پاسو زمين ڏانهن ڪري ويهڻ (يعني ساڄي يا کاٻي پاسي جهڪيل رهڻ) ﴿2﴾ پلٿي هڻِي ڪري ويهڻ ﴿3﴾ هڪ هٿ زمين تي رکي (ان تي) ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ، ﴿4﴾ پٺِ (يا ڪرسي جي پٺ) وغيره سان ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ، اهي چار ئي صورتون مناسب ناهن. گوڏا پيچي ڪري يا اوڪڙو(يعني ٻئي گوڏا اُڀا ڪري زمين سان لڳي) ويهي ڪري کائڻ سنو آهي. طبي لحاظ کان بہ فائديمند آهي، ٻيهي ڪري کائڻ چڱو ناهي.

(مراۃ شرح مشکوٰۃ ج 6 ص 12)

## ٽيڪ لڳائي ڪري کائڻ جا طبي نقصان

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٽيڪ لڳائي کائڻ سنّت ناهي، هن سنّت تي عمل نہ ڪرڻ ۾ تي طبي نقصان آهن، ﴿1﴾ کاڌو چڱي طرح چباڙجي

نہ سگھبو ۽ ان ۾ لعاب جنهن مقدار ۾ ملڻ گهرجي اوترو نہ ملندو جيڪو معدي ۾ وجي نشاستيدار غذائن کي هضم ڪري سگهي ۽ ائين هاضمي جو نظام متاثر ٿيندو،﴿2﴾ ٽيڪ لڳائي ڪري ويهڻ سان معدو ڦوڪجي ويندو آهي تنهنڪري اهڙيءَ ريت غير ضروري خوراڪ معدي ۾ هلي ويندي آهي ۽ هاضمو خراب ٿي ويندو. ﴿3﴾ ٽيڪ لڳائي ڪري کائڻ سان آنڊن ۽ جگر کي نقصان پهچندو آهي.

## مانيءَ جو احترام ڪريو

**ڪِريل** ماني کڻي ڪري کائي ڇڏڻ سنّت آهي، جيئن تہ امُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون،" ٻنهي جهانن جا سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گهر مبارڪ ۾ تشريف کڻي آيا، مانيءَ جو ٽڪر ڪِريل ڏٺائون تہ ان کي کڻي ڪري اگهيائون پوءِ کاڌائون ۽ فرمائڻ لڳا، " اي! عائشہ (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا) سٺي شيءِ جو احترام ڪريو ڇوتہ اها شيءِ (يعني ماني) جڏهن ڪنهن قوم کان ڀڄي آهي تہ موٽي ناهي آئي".

(ابن ماجہ ج 4 ص 50 حديث 3353)

## کاڌي جي اسراف کان توبهہ ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اُڄڪلهہ هر ڪو بي برڪتي ۽ تنگدستيءَ جي شڪايت ڪري رهيو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ مانيءَ جو احترام نہ ڪرڻ جي اها سزا هجي. اڄ شايد ئي ڪو مسلمان اهڙو هجي، جيڪو ماني ضايع نہ ڪندو هجي، هر طرف کاڌي جي بي حرمتي جا دل ساڙيندڙ نظارا آهن، شادي جون تقريبون هجن يا بزرگانِ دين

رَحِمَهُمُ اللّٰه جي نياز جا تبرڪات. افسوس صد ڪروڙ افسوس! دسترخوانن ۽ ڳِلمن تي بيدردي سان ڪاڏو ڪيرايو ويندو آهي، ڪاڏي جي دوران هڏين سان ڳڏ ٻوٽي ۽ مصالحو بلڪل صاف ناهي ڪيو ويندو. گرم مصالحي سان گڏ ڪاڏي جا بيشمار اجزا ضايع ڪيا ويندا آهن، ٿالهن ۾ ٻچيل ٿورو ڪاڏو ۽ پيالن، ديڳڙين ۾ ٻچيل رس پيهر استعمال ڪرڻ جو اڪثرماڻهن جو ذهن ناهي، اهڙي طرح تمام گهڻو ٻچيل ڪاڏو عام طور تي ڪچري جي ڍير جي حوالي ڪيو ويندو آهي، هينئر تائين جيترو به اسراف ڪيو اٿؤ براءِ مهرباني ان ڪان توبهه ڪريو. آئنده ڪاڏي جي هڪ به داڻي ۽ رس جي هڪ به قطري جو اسراف نہ ٿئي ان جو بہ عهد ڪريو، واللهِ الْعَظِيم! (يعني عظمت واري رب جو قسم) قيامت ۾ ذري ذري جو حساب ٿيڻو آهي، يقينًا ڪو بہ قيامت جي حساب جي طاقت نہ ٿو رکي، توبهه سچي توبهه ڪري ڇڏيو. درودِ پاڪ پڙهي ڪري عرض ڪيو، **يا الله** اڄ تائين مون جيترو بہ اسراف ڪيو آهي ان ڪان ۽ تمام صغيره ۽ ڪبيره گناهن ڪان توبهہ ڪريان ٿو ۽ تنهنجي عطا ڪيل توفيق سان آئنده گناهن ڪان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس، يا ربّ ڪريم منهنجي توبهه قبول فرماءِ ۽ مون کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صدقہ پیارے کی حیا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کیا ہے

(حدائق بخشش شريف)

انين سيپاري جي سُوْرَةُ الْاَعْرَاف جي آيت نمبر31 ۾ **الله رب العالمين جو** فرمانِ عاليشان آهي.

| | |
|---|---|
| كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا وَ لَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا یُحِبُّ الْمُسْرِفِیْنَ ﴿۳۱﴾ | ترجموڪنزالايمان: ڪائو ۽ پيئو ۽ حد ڪان نہ وڌو بيشڪ حد ڪان وڌڻ وارا ان ڪي پسند ناهن |

**مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان تفسير نعيمي ج 8 ص 390 تي فرمائن ٿا، اسراف جا ڪيترائي تفسير آهن. **﴿1﴾** حلال شين ڪي حرام جاڻڻ **﴿2﴾** حرام شين ڪي استعمال ڪرڻ **﴿3﴾** ضرورت ڪان وڌيڪ کائڻ، پيئڻ يا پائڻ **﴿4﴾** جيڪا دل چاهي اهو کائڻ پيئڻ يا پائڻ **﴿5﴾** ڏينهن رات ۾ هر هر کائيندو پيئندو رهڻ جنهن سان معدو خراب ٿي وڃي يا بيمار ٿي پوي. **﴿6﴾** نقصان ڪار شيون کائڻ پيئڻ **﴿7﴾** هر وقت کائڻ پيئڻ ۽ پائڻ جي خيال ۾ رهڻ تہ هاڻي ڇا کائيندس، آئينده ڇا پيئندس (روح البيان ج 3 ص 154) **﴿8﴾** غفلت جي لاءِ کائڻ **﴿9﴾** گناهہ ڪرڻ جي لاءِ کائڻ **﴿10﴾** سنو کائڻ پيئڻ، سنو پائڻ جو عادي بڻجي وڃڻ جو ڪڏهن معمولي شيءِ کائي پي نہ سگهي. **﴿11﴾** اعلىٰ غذائن کي پنهنجي ڪمال جو نتيجو جاڻڻ، مطلب تہ هن هڪ لفظ ۾ ڪيترائي احڪام داخل آهن. حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ "هر وقت پيٽ ڀريل رهڻ کان بچو جو هي جسم کي بيمار، معدي کي خراب ۽ نماز ۾ سُستي پيدا ڪندو آهي، ڪاڏي پيتي ۾ وچٿرائپ اختيار ڪريو جو هي بيشمار بيمارين جو علاج آهي، الله تعالي ٿلهي شخص[1] کي ناپسند

[1] ٿولهہ جي سبب ڪنهن مسلمان تي ٺٺولي ڪري ۽ چيڙائي ڪري دل ڏکائڻ گناهہ آهي.

ڪندو آهي. (ڪشف الخفاء ج 1ص 221 حديث 760) جيڪو شخص شهوت (يعني خواهش) کي پنهنجي دين تي غالب ڪندو اهو هلاڪ ٿي ويندو.

(روح المعاني ج 4 ص 163، تفسير نعيمي ج 8 ص 390)

## سنهڙي ماڻهوءَ جي فضيلت

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪاڏو گهٽ کائڻ سان گڏوگڏ بالخصوص ميدو، مناڻ ۽ سٽيپ ۽ ان مان نهيل شين جي استعمال ۾ (طبيب جي مشوري جي مطابق) گهٽتائي ڪرڻ سان جسم جي وزن ۾ گهٽتائي ايندي آهي، نڪتل پيٽ اصلي حالت تي ايندو آهي ۽ انسان سهڻي جسماني بيهڪ وارو (يعني SMART) رهندو آهي. گهٽ کائڻ واري ۽ هلڪي بدن واري مسلمان کي خداءِ رحمٰن پسند فرمائيندو آهي، جيئن تہ حضرت **عبدالله** ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ نبيّ ڪريم،رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم ارشاد فرمايو، ” **الله پاڪ** کي توهان مان سڀ کان وڌيڪ اهو ٻانهو پسند آهي جيڪو گهٽ کائڻ وارو ۽ هلڪي بدن وارو آهي.

(الجامع الصغير ص 20 حديث 221)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ ديني ماحول ضروري آهي نہ تہ عارضي طور تي جذبو پيدا ٿيندو بہ آهي تہ سٺي صحبت جي گهٽتائيءَ سبب استقامت ناهي ملي سگهندي، تنهنڪري **عاشقان رسول** جي صحبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ **مدني قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوت اسلامي جي برڪت سان هر طرف سنّتن جي ڌوم ڌام آهي، اڇو تہ

دعوتِ اسلامي جي هڪ ايمان افروز ”**بهار**“سان پنهنجي قلب ۽ جگر کي گلِ گلزار ڪريون، جيئن تہ

## هڪ غير مسلم جو اسلام قبول ڪرڻ

تعلقي ٽانڊا ضلعي آمبيڊ ڪرنگر (يوپي هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن ريت بيان آهي تہ مان ڪفر جي اُونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس، هڪ ڏينهن ڪنهن مون کي مڪتبة المدينه جو هڪ رسالو احترامِ مسلم تحفي ۾ ڏنو، مون پڙهيو تہ حيران ٿي ويس تہ جن مسلمانن کي مون هميشہ نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو آهي، انهن جو مذهب اسلام پاڻ ۾ ايتري قدر امن ۽ محبت جو پيغام ڏئي ٿو! رسالي جي تحرير تاثير جو تير بڻجي منهنجي جگر ۾ لهي وئي ۽ منهنجي دل ۾اسلام جي محبت جو چشمو چوليون هڻڻ لڳو، هڪ ڏينهن مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس تہ، ڪجهہ ڏاڙهي ۽ عمامي وارن اسلامي ڀائرن جو قافلو بہ بس ۾ سوار ٿيو، مان ڏسندي ئي سمجهي ويس تہ هي مسلمان آهن، منهنجي دل ۾ اسلام جي محبت تہ پيدا ٿي ئي چُڪي هئي، تنهن ڪري مان احترام جي نظر سان انهن کي ڏسڻ لڳس، ايتري ۾ انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ نعت شريف پڙهڻ شروع ڪئي، مون کي انهن جو اهو انداز تمام سٺو لڳو، منهنجي دلچسپي ڏسي ڪري انهن مان هڪ مون سان گفتگو شروع ڪئي، هو سمجهي ويو تہ مان مسلمان ناهيان ان مُرڪندي تمام دلنشين انداز ۾ مون کي چيو

تہ مان توهان کي اسلام قبول ڪرڻ جي درخواست ڪريان ٿو، رسالو احترام مسلم پڙهي ڪري جيئن تہ مان پهريان ئي دلي طور تي اسلام جو چاهيندڙ بڻجي چُڪو هئس، ان جي عاجزاڻي انداز دل تي وڏيڪ اثر ڪيو، مون کان انڪار نہ ٿي سگهيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه مون سچيءَ دل سان اسلام قبول ڪري ورتو، اَلْحَمْدُلِلّٰه هي بيان ڏيڻ وقت مسلمان ٿيندي مون کي چار مهينا ٿي چُڪا آهن، مان پابنديءَ سان نماز پڙهي رهيو آهيان، ڏاڙهي سجائڻ جي نيّت ڪري ڇڏي آهي، دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت بہ حاصل ڪري رهيو آهيان.

ڪافروں کو چلیں مشرکوں کو چلیں دعوتِ دین دیں قافلے میں چلو
دین پھیلایئے سب چلے آیئے مل کے سارے چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ماڻهن ڪان شرمائي سنت ناهي ڇڏبي!

**اسان جا** صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، آقاءِ نامدار، مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ گم رهندا هئا، دنيا جي ڪابہ ڪشش ۽ بيوفا معاشري جي ڪابہ ڪوڙي ”مُروّت“ انهن کان سنّت نہ ڇڏائي سگهندي هئي، جيئن تہ حضرت سيّدُنا حسن بصري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضرت مَعْقِل بن يسار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ (جيڪي اتان جي مسلمانن جا سردار هئا) ڪاڌو ڪائي رهيا هئا تہ سندن هٿ مان گرهہ ڪِري پيو ۽ پاڻ ڪنيائون ۽ صاف ڪري کائي ڇڏيائون، اهو ڏسي

ڪري ڪجهه جاهل ماڻهن اڪين سان هڪ ٻئي کي اشارو ڪرڻ (تہ ڪيڏي عجيب ڳالهہ آهي جو ڪِريل گرهہ انهن کائي ڇڏيو) ڪنهن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي چيو تہ ”اللہ پاڪ امير جو ڀلو ڪري، اي اسان جا سردار! هي جاهل ماڻهو تيڏين نظرن سان اشارو ڪري رهيا آهن تہ امير صاحب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڪِريل گرهہ کائي ڇڏيو حالانڪ سندن سامهون هي کاڌو موجود آهي،“ پاڻ فرمايائون، ”انهن عجمين جي ڪري مان ان شيءِ کي نہ ٿو ڇڏي سگهان جنهن کي مون سرڪارِمدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻُڌو آهي، اسان هڪ ٻئي کي حڪم ڏيندا هئاسين تہ گرهہ ڪري پئي تہ ان کي صاف ڪري کاڌو وڃي، شيطان جي لاءِ نہ ڇڏيو وڃي.“

(ابن ماجه شريف ج 4 ص 17 حديث 3278)

رُوحِ ايماں مَغْزِ قُرآں جانِ دِيں
ہَسْت حُبِّ رَحمَۃٌ لِّلْعٰلَمِيں

## خوب انفرادي ڪوشش ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! جليل القدر صحابي ۽ مسلمانن جا سردار مَعْقِل بن يسار رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سنّتن سان ڪيتري قدر پيار ڪندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ عجمين جي اشارن جي ذري برابر بہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ بنا ڪنهن جي پرواهہ ڪندي سنتن تي عمل جاري رکيو ۽ اڄ ڪجهہ نادان مسلمان اهڙا بہ آهن جيڪي ”ماڊرن ماحول“ ۾ ڏاڙهي مبارڪ جهڙي عظيم الشان سنّت جي ڇڏڻ کي مَعاذَاللہ ”حڪمت عملي“ سمجهندا آهن، حقيقي حڪمت عملي اها ئي آهي تہ ڪيڏو بہ بُرو ماحول هجي، ڏارين جو زور هجي، بد مذهبن جو شور هجي، ڪجهہ بہ هجي توهان ڏاڙهي شريف، عمامو شريف ۽ سنّتن ڀريو لباس پائيندا رهو، کائڻ پيئڻ ۽

روزمره جي معمولات ۾ سنّتن جي دامن کي نہ ڇڏيو، ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ **انفرادي ڪوشش** جاري رکو، اِنشآءَالله ڏيئي مان ڏيئو ٻرندو رهندو، حق روشن ٿيندو ويندو، شيطان جو منهن ڪارو ٿيندو، هر پاسي سنّتن جو سوجهرو ٿيندو، دنيا جي دولت جو هر عاشق مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پروانو ٿيندو، اِنشآءَالله گهر گهر ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جو سوجهرو ٿيندو.

خاک سورج سے اندھیروں کا اِزالہ ہو گا　　آپ آئیں تو مرے گھر میں اُجالا ہو گا
ہو گا سیراب سرِ کوثر و تسنیم وُہی　　جس کے ہاتھوں میں مدینے کا پیالہ ہو گا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

انفرادي ڪوشش جي هڪ مدني بهار ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ:

## ڪافر جو اسلام قبول ڪرڻ

**دعوت اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (ڪراچي) کان عاشقانِ رسول جو هڪ 92 ڏينهن جو مدني قافلو ڪولمبو (سري لنڪا) جي سفر تي هو، جنهن ڏينهن ضلعي ”ايرو“ ڏانهن 30 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جي سفر تي روانگي هئي، ان دوران هڪ اسلامي ڀاءُ هڪ غير مسلم نوجوان کي **امير قافلہ** جي خدمت ۾ آندو، اميرِ قافلہ سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اعليٰ ڪردار جي متعلق ڪجهہ خوشبودار مدني گل پيش ڪري ان کي اسلام جي دعوت پيش ڪئي ان تي ان ڪجهہ سوال ڪيا، جنهن جا جواب ڏنا

ويا، اَلْحَمْدُلِلّٰه تقريبًا هڪ ڪلاڪ جي انفرادي ڪوشش ڪانپوءِ اهو غير مسلم مسلمان ٿي ويو.

ڪافر آجائيں گے راہِ حق پائیں گے اِن شاءَ الله، چلیں قافلے میں چلو
کُفر کا سر جُھکے دِیں کا ڈنکا بجے اِن شاءَ الله، چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اولاد کي ڪم عقلي کان بچائڻ جو نسخو

**الله پاڪ** جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خيريت نشان آهي: ”جيڪو شخص دسترخوان تان ڪاڌي جا **ڪِريل ذرا** ڪٺي ڪري کائيندو اهو ڪشادگي واري زندگي گذاريندو آهي ۽ ان جي اولاد ۽ اولاد جي اولاد ڪم عقلي کان محفوظ رهندي آهي.“

(ڪنزالعمال ج 15 ص 111 حديث 40815)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تنگدَستيءَ جو علاج

**زبردست** محدث حضرت سيّدنا هُدبہ بن خالد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بغداد جي خليفي مامون رشيد پاڻ وٽ گھرايو، کاڌي جي آخر ۾ کاڌي جا جيڪي ذرا وغيره ڪِري پيا هئا، اهي محدث صاحب چونڊي چونڊي ڪري کائڻ لڳو، مامون حيران ٿي ڪري چيو، اي شيخ! ڇا توهان جو اڃان تائين پيٽ ناهي ڀريو؟ فرمايائون ڇو نہ! دراصل ڳالھ هي آهي جو مون کي حضرت حمّاد بن سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ حديث بيان فرمائي آهي تہ ”جيڪو شخص دسترخوان تي ڪِريل ذرن کي چونڊي چونڊي ڪري

ڪائيندو اھو تنگدستي ڪان بي خوف ٿي ويندو.“ مان انھيءَ حديثِ پاڪ تي عمل ڪري رھيو آھيان، اھو ٻُڌي ڪري مامون بيحد متاثر ٿيو ۽ پنھنجي ھڪ خادم ڏانھن اشارو ڪيائين تہ ھو ھڪ ھزار دينار رومال ۾ ٻَڌي ڪري ڪٽي آيو، مامون ان ڪي حضرت ھُدبہ بن خالد رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪيو، حضرت ھُدبہ بن خالد رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمايو اَلْحَمْدُلِله حديث مبارڪ تي عمل جي ھتوھٽ برڪت ظاھر ٿي وئي. (ثمرات الاوراق ج 1 ص 8)

## شرمائي ڪري سنتون نہ ڇڏيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ الله سنّتن تي عمل جي مُعاملي ۾ دنيا جي وڏي ڪان وڏي رئيس بلڪہ بادشاھ جي بہ پرواھ نہ ڪندا ھئا، ھن حڪايت مان اسان جي انھن اسلامي ڀائرن ڪي درس حاصل ڪرڻ گھرجي، جيڪي ماڻھن جي مروت جي ڪري ڪائڻ پيئڻ جون سنّتون ڇڏي ڏيندا آھن گڏوگڏ ڏاڙھي شريف ۽ عِمامي مبارڪ جي عزّت واري تاج ڪي متي تي سجائڻ ڪان ننائيندا آھن، يقينًا سنّت تي عمل ڪرڻ ٻنھي جھانن ۾ سعادت جو ڪارڻ آھي، ڪڏھن ڪڏھن دنيا ۾ بہ ھتو ھٿ ان جون برڪتون ظاھر ٿي وينديون آھن، جيئن حضرت ھُدبہ بن خالد عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَاجِد کي شاھي دربار ۾ سنّت تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان ھڪ ھزار دينار ملي ويا ۽ پاڻ مالدار ٿي ويا.

جو اپنے دل کے گلدستے میں سنّت کو سجاتے ہیں
وہ بے شک رحمتیں دونوں جہاں میں حقّ سے پاتے ہیں

## اگلے ہفتے کا رسالہ





فیضانِ مدینہ محلّہ سوداگران پرانی سبزی منڈی، بابُ المدینہ (کراچی)

UAN: +92 21 111 25 26 92 | Ext: 7213

Web: www.maktabatulmadinah.com | E-mail: feedback@maktabatulmadinah.com